SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر XV مجريه 1974
# SINDH ORDINANCE NO.XV OF 1974
# سنڌ سروس ٽربيونلس (ٻي ترميم) آرڊيننس، 1974
# THE SINDH SERVICE TRIBUNALS (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 1974

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1973 جي سنڌ ايڪٽ XV جي دفعه 4 جي ترميم
Amendment of Section 4 of Sindh Act XV of 1973

3. 1973 جي سنڌ ايڪٽ XV ۾ دفعه A_3 جي شموليت
Insertion of Section 3_A in Sindh Act XV of 1973

# سنڌ آرڊيننس نمبر XV مجريه 1974
# SINDH ORDINANCE NO.XV OF 1974
## سنڌ سروس ٽربيونلس (ٻي ترميم) آرڊيننس، 1974
## THE SINDH SERVICE TRIBUNALS (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 1974

[13 سيپٽمبر 1974]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ سروس ٽربيونلس ايڪٽ، 1973 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

| | |
|---|---|
| تمهيد (Preamble) | جيئن ته سنڌ سروس ٽربيونلس ايڪٽ، 1973 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛<br>۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛<br>هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛ |
| مختصر عنوان ۽ شروعات<br>Short title and commencement | 1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ سروس ٽربيونلس (ٻي ترميم) آرڊيننس، 1974 سڏيو ويندو.<br>(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو. |
| 1973 جي سنڌ ايڪٽ XV جي دفعه | 2.سنڌ سروس ٽربيونلس ايڪٽ، 1973 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ ٻه ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو ان جي دفعه 3 ۾، ذيلي |

| | |
|---|---|
| دفعہ (4) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:<br>(4) چيئرمين ۽ ٽربيونل جا ميمبر ٽن سالن جي مدي لاءِ مقرر ڪيا ويندا ۽ اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت جيئن حڪومت طئي ڪري، بشرطيڪ حڪومت ملازمت جو مدو اهڙي عرصي لاءِ وڌائي سگهي ٿي، جيئن اها مناسب سمجهي.". | 4 جي ترميم<br>Amendment of section 4 of Sindh Act XV of 1973 |
| 3.ڇاڻايل ايڪٽ ۾، دفعہ 3 کانپوءِ، هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو ۽ هميشہ ايئن ئي شامل ڪيل سمجهيو ويندو:<br>"3_A. (1) جيڪڏهن (چيئرمين يا ميمبر جي برطرفي) حڪومت جي خيال ۾ چيئرمين يا ٽربيونل جو ميمبر طبي يا ذهني معذوري سبب پنهنجون ذميواريون سرانجام ڏيڻ کان قاصر آهي، يا بدعنواني ۾ ملوث آهي، اها ٽن ماڻهن تي مشتمل ڪميٽي جوڙي سگهي ٿي، جنهن جي سربراهي اهڙو شخص ڪندو، جيڪو عهدي ۾ چيئرمين جي عهدي کان گهٽ نہ هوندو، جيڪو معاملي جي جاچ ڪندو.<br>(2)جيڪڏهن، جاچ ڪرائڻ کانپوءِ، ڪميٽي رپورٽ ڏئي ٿي تہ چيئرمين يا ميمبر پنهنجون ذميواريون سرانجام ڏيڻ لائق ناهي يا بدعنواني ۾ ملوث آهي، حڪومت جيستائين ڪجهہ دفعہ 3 جي ذيلي دفعہ (4) جي گنجائشن جي متضاد نہ هجي، اهڙي چيئرمين يا ميمبر کي هٽائي سگهي ٿي.<br>(3) دفعہ 3_A تحت جاچ جي مقصد لاءِ ڪميٽي کي ڪوڊ آف سول پروسيجر، 1908 (1908 جي ايڪٽ V) تحت سول ڪورٽ وارا اختيار حاصل هوندا، هيٺين معاملن جي سلسلي ۾، يعني:<br>(a)ڪنهن شخص جي حاضري يقيني بڻائڻ ۽ ان کان حلف تي پڇا ڳاڇا ڪرڻ؛ | 1973 جي سنڌ ايڪٽ XV ۾ دفعہ 3_A جي شموليت<br>Insertion of section 3_A in Sindh Act XV of 1973 |

(b)دستاويزن جي بازيابي ۽ فراهمي طلب ڪرڻ؛

(c)حلف نامن تي شاهدي وٺڻ؛

(d)شاهدين يا دستاويزن جي جاچ پڙتال لاءِ ڪميشنز جاري ڪرڻ.”.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**